PERANTAL INFORMED CONSENT

والدين جي لاءِ راضي نامو

Project Title:Human small intestinal organoids model of SARS-CoV-2 replication	Project ID:
Sponsor:	ERC Ref #
Principal Investigator: Dr. Junaid Iqbal CO- Principal Investigator: Dr Kamran Sadiq Co-Investigator: Dr Heeramani Lohana	Organization: Department of Paediatrics & Child Health, Aga Khan University, Karachi, Pakistan
Project Location: Hyderabad and Karachi	Phone: 021-4864567

ٻار

		-				-				

جونالو_____

شناخت نمبر

پس منظر

سارس ـ ڪويڊ 2 واري علامت ڪرونا وائرس جي ڪري ٿيندي آهي. اها ڪنگهه، زڪام جهڙي معمولي علامتن کان وٺي ڦڦڙن جي شديد بيماري ۾ مبتلا ڪندڙ بيماري آهي، پر ان جون علامتون جسم جي ٻين مختلف عُضون تي به اثر ڪنديون آهن، خاص ڪري ساهه ۽ ڪاڏي جي نالي تي. هن پروجيڪٽ ۾ انٽرائيڊز (ڪلچردِ مني گٽس (ليبارٽري ۾ ڪاڏي جي نالي مان ورتل جُزا) کي ماڊل جي طور تي استعمال ڪندي سارس ڪويڊ 2 جيوڙن (وائرس) جي ڪري آندي ۾ ٿيندڙ زخم جا اثر ڏسڻ جو مطالعو ڪرڻ تي توجه ڏني وئي آهياسان جو پروجيڪٽ صحت مند ٻارن جي مقابلي ۾ ماحوليات جي ڪري آندي جي بيماري (EED) ۾ مبتلا ٻارن مان ورتل انٽرائيڊز تي سارس ـ ڪويڊ 2 جا اثر جاڻڻ ، انٽرائيڊزميٽابولزم ۽ سارس ـ ڪويڊ 2 جو ٻيهرٿيڻ جي ڪري غذائي ڪوٽ جي ڪيفيتن جو اندازو لڳائڻ ۽ آخر ۾بالغن جي مقابلي ۾ ننڍن ٻارن جي آندي جي نظام ۽ وائرس جي ٻيهر ٿيڻ جي اثرن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪندو. هي پروجيڪٽ آمريڪا (يو ايس اي) جي ورجينيا يونيورسٽي جي ڊاڪٽر شين مور ۽ آغا خان جي ٻارن جي شعبي جي معاونت سان مڪمل ڪيو ويندو.

توهان جي ٻار کي حصو وٺڻ جي لاءِ چو پيو چيو وڃي؟

هن مطالعي ۾ اسان 06 مهينن کان 10 سالن تائين جي ٻارن کي شامل ڪري رهيا آهيون. اسان توهان جي ٻار کي هن مطالعي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پڇي رهيا آهيون ته جيئن توهان جي ٻار کي آندن جو معائنو ڪرائڻ جي لاءِ اجازت نامي چئي رهيا آهيون. اسين توهان کي توهان جي ٻار جي ننڍي آندي جي پهرين حصي مان ٿي نمونا وٺڻ جي لاءِ چئي رهيا آهيون.

توهان کي ڇا ڪرڻ جي لاءِ چيو ويندو؟

اسين توهان کي گذارش ڪري رهيا آهيون ته توهان پنهنجي ٻار کي هن مطالعي ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏيو. معائني وارو عمل ڪرڻ کان پهرين اسين توهان جي ٻار جو ڪرونا جي سڃاڻپ وارو ٽيسٽ ڪنداسين. هن ٽيسٽ ۾، اسين توهان جي ٻار جي نڪ جو بلغم ڪٺنداسين. اها ٽيسٽ توهان جي ٻار جي نڪ مان هڪ لچڪدار نلڪي ۾ لڳل ڪپاهه وسيلي ڪئي ويندي جيڪا جلدي/ ڦڙتي سان نڪ ۾ داخل ڪري واپس ڪڍي ويندي. مطالعي جو عملو ڪپاهه لڳل نلڪي توهان کي ڏيکاريندو. اها ٽيسٽ ڪرڻ ۾ صرف 5 منٽ لڳندا ۽ ان جي نتيجي جي باري ۾ اسين توهان کي اُنهيءَ مهل ٻڌائيندا سين.

جيڪڏهن توهان جي ٻار جي ڪوويڊ - 19 (ڪرونا) جي سڃاڻپ واري ٽيسٽ جو نتيجو منفي آيو، ته پوءِ اسين توهان جي ٻار جي عام معلومات جيئن، عمر، جنس ۽ جسم جي ماپ تور ڪنداسين. رت جا نمونا به ورتا ويندا.

طريقيڪار

جيئن ته توهان ان ٻار جا والدين آهيو جنهن کي آغا خان اسپتال ڪراچي يا حيدرآباد جي ٻارن جي شعبي ۾ آندو ويوآهيءِ آندي جو معائنو ڪرائڻ جي لاءِ چيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته توهان جي ٻارکي پي اي جي ٽيوب پليسمينٽ،ڪاڏي جي الرجي،پيٽ مان ڪا ٻاهرين ويل شيءِ کي ڪڍڻ، اڻ ڄاتل وجه جي ڪري پيٽ ۾ سور، بک نه لڳڻ، پئخاني ۽ اُلٽي ۾ رت ايندو آهي، توهان کان ٻار جي ننڍي آندي جي معائني دوران2

Matiari Research & Training Centre